ڊاڪٽر احسان دانش
ايسوسيئيٽ پروفيسر
گورنمينٽ پوسٽ گريجوئيٽ ڪاليج لاڙڪاڻو

# فقير قادر بخش بيدل جو صوفي

# ‘Sufi‘ as described by Faqueer QadirBakhshBedil

***Abstract***

*Sufism is such a philosophy of life that can be followed by anyone but to do that certain principles and rules have been formulated and introduced by Sufis and Sufi poets. Sufi thought has been the part of Sindhi culture and society for ages. Sindhi Sufi poets have played a very significant role in propagating the light of this Sufi thought.*
*Sufism has greatly affected the lives of common men in all ages. Sindhi society has also been strongly influenced by Sufi thought and philosophy. Sufism carries the message of humility, submissiveness, love, peace and humanity, and the followers of this thought wish to maintain non-violence and moderation in society.*
*FaqueerQadirBakhshBedil is like a precious pearl in Sindhi poetry. He is one of the most important poets of northern Sindh in particular. Bedil is basically a Sufi poet. He belongs to the group of poets whose creed is pantheism and who follow the way of ecstasy and rapture. Bedil is part of that school of thought in Sindhi poetry who aggressively and fearlessly raise the slogan of ‘I‘m the Truth‘. To understand the philosophy of ‘I‘m the Truth‘ (Anal-Haq) there is a long line of poets from MansoorHallaj to Khuwaja Moeenuddin Chishti and from SachalSarmast to FaqueerQadirBakhshBedil. The merits of a Sufi are stated in ‘WahadatNama‘ in the Risalo (collection) of FaqueerBedil which can work as a touchstone to recognize a true Sufi.*
*In this article I have done the brief and selective study of the poetry of of Faqueer QadirBakhsh Bedil to highlight his idea of Sufi.*

**Key words:** *Sufi, culture, pantheism, humility, ecstasy.*



فقير قادر بخش بيدل سنڌي ڪلاسيڪي شاعريءَ جو هڪ انمول رتن آهي. خاص طور اتر سنڌ جي اهم ترين شاعرن مان هڪ آهي. بيدل سائين بنيادي طور هڪ صوفي شاعر آهي ۽ سندس تعلق شاعرن جي ان سٽ سان آهي، جن جو مسلڪ وحدت الوجودي ۽ طريقو سرمستي وارو آهي. مون تصوف جي تاريخ جا ڪتاب پڙهندي اسلامي ۽ غير اسلامي تصوف جا اصطلاح پڙهيا آهن ۽ ان جون ڊگهيون توضيحون پڻ. پروفيسر ڪي ايس ناگپال پنهنجي ڪتاب ”صوفي لاڪوفي“ ۾ صوفيءَ جو تعارف هنن لفظن ۾ ڪرايو آهي ”صوفي ڪير بہ ٿي سگهي ٿو.ٻڌُ ، مسيحي، هندو ۽ سکُ ، هر مذهب ۾ تصوف آهي پر تصوف ۾ ڪو مذهب نہ آهي.“ (ناگپال، 2008: 31) ٻين لفظن ۾ تصوف هڪ اهڙو رستو ۽ راهہ آهي، جنهن تان هر ڪو گذري سگهي ٿو پر ان لاءِ ڪي اصول ۽ ضابطا ضرور موجود آهن، جيڪي اسان کي صوفين ۽ صوفي شاعرن ٻڌايا آهن. ”صوفي پنهنجي تخيل، علم، رياضت، مراقبي، مجاهدي، مسلسل ڳولها ۽ جاکوڙ سان پنهنجي هڪ الڳ دنيا ٺاهي ٿو جنهن ۾ فرار هرگز نہ آهي..... تصوف جو مقصد سچ، سونهن، ڏاهپ ۽ علم جي ڳولها آهي.“ (2021: 244)

سنڌي سماج ۾ صدين کان صوفي فڪر جي پچار رهي آهي. تصوف جي انهيءَ فڪري روشنيءَ جي ڦهلاءَ ۾ سنڌ جي صوفي شاعرن جو نهايت اهم ڪردار رهيو آهي. شاهہ لطيف تائين پهچندي پهچندي اهو فڪر پچي راس ٿيو ۽ لطيف سائين ان فڪر جي مشعل کي اجا وڌيڪ جوت ۽ جِلا بخشي. (دانش، 2016: ) معمور يوسفاڻي هن ڳوڙهي فڪر ۽ رويي جو مختصر لفظن ۾ ڏاڍو سهڻو تعارف ڪرايو آهي. هو لکي ٿو تہ ”تصوف نالو آهي، دل جي پاڪائي، صفائي، غير کان دوريءِ مالڪِ حقيقي ڏانهن توجہ ۽ ان جي سونهن جي پرتوي جي حاصلات جو. انسان ذات جي خدمت، همَتَ ، پاڻ وڏائيءَ کان پري رهڻ، غربت، عاجزي ۽ انڪساري اختيار ڪرڻ، پنهنجي پاڻ کي پروڙڻ ۽ خدا کي سڃاڻڻ، ڪائنات ڇا آهي؟ ان جي ضرورت ڪهڙي آهي؟ ان ۾ انسان ڇا لاءِ آيو آهي؟ ان تي ڪهڙا فرض ۽ جوابداريون آهن؟ ان کي ڪيئن رهڻ گهرجي ۽ ڪهڙا خاص عمل ڪرڻ گهرجن. ماڻهن ۽ ساهوارن وغيره سان

ڪهڙو سلوڪ روا رکجي. مطلب تصوف جو مقصد آهي، صحيح نموني زندگي گذارڻ“. (يوسفاڻي، 2003: 15)

تصوف هر دور ۾ انساني سماج ۽ عام ماڻهوءَ جي زندگيءَ تي گهرا اثر ڇڏيا آهن. سنڌي سماج تي پڻ صوفي فڪر ۽ فلسفي جو وڏو اثر رهيو آهي. صوفي متي ۾ نياز، نئڙت، محبت، امن ۽ انسانيت جو سبق به سمايل آهي. ان ڪري ان فڪر جا پوئلڳ سماج ۾ عدم تشدد ۽ اعتدال واري فضا قائم ڪرڻ چاهيندا آهن. تنهن ڪري ئي چيو ويجي ٿو ته ”تصوف جي شروعات تڏهن ٿي هوندي، جڏهن مختلف معاشرن ۾ ڏاڍ جو عمل هليو هوندو. جنهن کان بيزار ٿي، نيڪ انسانن، ظاهري رستي کان ٿورو هٽي، مخفي طرح، نيڪ عملن جي لاءِ نئون رستو ڳوليو هوندو.“ (يوسفاڻي، 2003: 38) ٻين لفظن ۾ تصوف ماڻهوءَ کي ماڻهپي جو رَند ڏسي ٿو ۽ شايد اهو ئي سبب آهي جو صوفي فڪر هر سماج ۾ عام مقبوليت ماڻي ٿو.

تصوف جا مجيل مکتبِ فڪر چار آهن جن ۾ قادري، سهروردي، نقشبندي ۽ چشتي شامل آهن. مختلف صوفين ۽ شاعرن الڳ الڳ طريقن کي اختيار ڪيو آهي پر تصوف جي جيڪا صورت سنڌي ڪلاسيڪي شاعرن خاص طور شاهه لطيف ۽ ان کان پوءِ وارن ڪلاسيڪي شاعرن وٽ نظر اچي ٿي ان ۾ خالص ديسي تصوف جي جهلڪ پسي سگهجي ٿي، جنهن کي اسان جي عالمن تصوف جو ”سنڌي مکتبه فڪر“ سڏيو آهي. ڊاڪٽر الانا صاحب لکيو آهي ته ”تصوف جي ’سنڌي مکتبه فڪر‘ ۾، ذات پات، مذهبي ڪٽر پڻي ۽ ٻئي انسان کي پاڻ جهڙو نه سمجهڻ وارن اصولن جي خلاف، انساني ڀائيچاري، هر انسان کي هڪ جهڙو سمجهڻ ۽ هر ٻئي انسان کي پيار ڪرڻ، هر جاتي، هر نسل ۽ هر قوم جي ماڻهن سان پيار ڪرڻ جهڙيون ڳالهيون، سنڌي مکتبه فڪر واري تصوف ۾ اهميت رکن ٿيون.“ (الانا، 2014: 138)

بيدل سائين سنڌ ۾ شاعرن جي ان ڪُنبي جو اهم شاعر آهي، جن وٽ جلال آهي ۽ جن وٽ بي ڊپائيءَ سان اناالحق جي نوا ٻڌڻ ۾ اچي ٿي.”اناالحق“ جي فلسفي کي سمجهڻ لاءِ منصور هلاج کان خواجه معين الدين چشتي، سچل سرمست ۽ فقير قادر بخش بيدل تائين هڪ وڏو سلسلو آهي ۽ انا الحق جي ان فلسفي کي خواجه معين الدين چشتي اجميري پنهنجن هن شعر ۾ واهه جو سمجهايو آهي:



**من نمي گويم انا الحق، يار مي گويد بِگو**
**چون نگويم، چون مرا دلدار مي گويد بِگو**

**مان چوان ڪٿ ٿو اناالحق، يار ٿو چئي پيو ته چَئه**
**جڏ چوان مان ڪونه ٿو دلداد ٿو چئي پيو ته چئه**

(ترجمو. ا.د)

سچل سائين وري چيو ته:

**منصوريءَ جي موج ۾ ٿو اناالحق الايان.....**

اها حجت ته آهي پر جرئت به آهي. ائين ئي بيدل سائين به فرمايو آهي ته:

**ظاهر بندو باطن مولا، برهه جي بازي پُرجهي ڪير...**

(بيدل سائينءَ جو رسالو ص 245)

**يا**

**عقل جو ويو اختيار عشق اناالحق جو دم ماريو**

(بيدل سائينءَ جو رسالو ص 251)

اها حجت، بي خودي، بي اختياري ۽ سرمستي بيدل سائين جي ڪلام ۾ جابجا نظر اچي ٿي. هن جو مشهور ڪلام آهي ته:

**پاڻ تو پيدا ڪيو يا مون چَيُئي انسان ڪر**
**گهرجَ هئي توکي گهڻي، ڪين مان چَيُئي احسان ڪَر...**

(بيدل سائينءَ جو رسالو ص 257)

تصوف جي رمز ۽ راز کي سمجهڻ مشڪل ته آهي پر آسان به آهي....... جيئن **مير علي نواز ناز** چيو آهي ته:

**تنهنجي رمز سهڻا مان ڇا سمجهان، آسان به آ دشوار به آ.....**

هونءَ ته تصوف هڪ رويو ۽ نظريو به آهي پر اهو هڪ رستو به آهي پر ڏٺو وڃي ته اصل ۾ عمل جي دنيا آهي. ان کي هن طرح به سمجهي سگهجي ٿو ته تصوف هڪ اهڙو درياهه آهي، جنهن جي گهرائيءَ کي ڪناري تان بيهي ماپي ۽ ڪَڇي نه ٿو سگهجي، ان کي سمجهڻ لاءِ ان ۾ گهڙڻ ضروري آهي.

سنڌ جي الڳ الڳ شاعرن صوفين جا اهڃاڻ ٻڌايا آهن.

لطيف سائين چوي ٿو:

**صوفي چائين سَڏَ ڪرين، صوفين اي نہ صلاح**
**ڪاٽي رَڪُ ڪُلاهہ، وجهہ اُچلي آڳ ۾.**

(سُر يمن ڪلياڻ، داستان 5، شاهواڻي)

(مطلب صوفي وٽ تڪبر، وڏائي ۽ ڪبريائي نہ هوندي آهي، اهو ڪنهن دستار، رتبي ۽ شان شوڪت جو گهرجائو نہ هوندو آهي، بلڪ ان کي پنهنجي ظاهري غرور ۽ وڏائي کي مِٽيءَ ۾ ملائڻ ضروري هوندو آهي.... اهو صوفي جو پهريون امتحان آهي.)

خواجہ محمد زمان لنئواري واري چيو:

**صوفي صاف ڪيو، ڏوئي ورق وجود جو**
**تنهان پوءِ ٿيو جيئري پسڻ پرينءَ جو**

(اهو صوفي لاءِ پيو اصول آهي تہ هن کي پنهنجي وجود جو ورق ڏوئي صاف ڪرڻو آهي.)

ائين سچل سائين چيو:

**پاڻ سڃاڻي پاڻَ کي ڳولي لهج پاڻ**
**پاڻ منجهان ئي پاڻ کي، پوندئي ڄاڻ سڃاڻ**
**مڪڻ آڪر هيڪڙو، سوئي ڪير سنياڻ**
**اهي اٿئي اهڃاڻ، ڳهلا انهيءَ ڳالهہ جو**

بئي هنڌ وري سچو هن طرح فرمائي ٿو:

**پنهون پنهون ٿي ڪريان آءٌ پڻ پنهون پاڻ**
**اديون ٿيس اڃاڻ، جو ڪين پروڙيم پاڻ کي**

(سُر سسئي)

(يعني خود شناسي صوفيءَ جي اهم سڃاڻپ آهي...... پاڻ سڃاڻڻ، پنهنجي هستيءَ کي سمجهڻ ۽ ساڃاهڻ صوفي لاءِ ضروري آهي، جنهن سان خود هن تي ڪيئي راز منڪشف ٿين ٿا.)

لطيف سائين وري انهيءَ نڪتي کي هن طرح بيان ڪيو:

**پيهي جان پاڻ ۾، ڪيم روح رهاڻ،**
**تہ نہ ڪو ڏونگر ڏيهہ ۾، نڪا ڪيچن ڪاڻ،**



**پنهون ٿيس پاڻ، سسئي تان سور هئا.**

(سُر سسئي آبري، داستان 5، شاهواڻي)

بابا بلهي شاهہ انهيءَ خود شناسيءَ جو سبق وري هير جي هنن ڪيفيتن کي بيان ڪندي ڏنو:

**رانجها رانجها ڪردي ني مين آپي رانجها هوئي**
**سدو ني مين نو دهيدو رانجها، هير نہ آکهو ڪوئي**

انهي تسلسل ۾ بيدل سائين بہ فرمايو آهي تہ:

**پاڻُ نہ ڪڄج پاڻَ سان، پاڻُ سڃاڻج پاڻَ**
**آ ساجن توهي ساڻ، تون ڳولين ٻئي طرف ڏي.**

(بيدل سائينءَ جو رسالو ص 201)

يا هڪ ڪافي ۾ فرمائي ٿو:

**پاڻ پنهو تون آهين، ڪيچ وڃين چو ڪاهين....**

(بيدل سائينءَ جو رسالو ص 236)

اختر درگاهي جي سهيڙيل **"بيدل جو رسالو"** ۾ هڪ تسلسل سان بيدل سائين جي ڪلام ۾ وحدت نامي ۾ صوفين بابت ڪجهہ بيت آهن، جن ۾ ڪي اهم نڪتا بيان ٿيل آهن. مثلاً هو فرمائي ٿو:

**صوفي ڏوهہ نسهرو عبادت عامن**
**خبر نہ خامن، پُختن جي پروڙ جي**

(بيدل سائينءَ جو رسالو ص 195)

ظاهر ۾ تہ عبادت ۽ رياضت ئي ماڻهوءَ کي صاحبِ تقويٰ ۽ نيڪ بڻائي ٿي ۽ چيو وڃي ٿو تہ انهيءَ عمل سان ئي راءُ ريجهي ٿو پر بيدل سائين چوي ٿو تہ اهو عام ماڻهن جو ڪم آهي. ڏوهہ يا گناهہ جيڪو عبادت جو ضد آهي، اهو صوفي کي پختو بڻائي ٿو ۽ هو عبادت گذارن کي خام ۽ ڪَچو سمجهي ٿو. صوفي جي رياضت عبادت جي محتاج ناهي...... پر ان وٽ "**او ڪو پيو فهم آهي، جنهن سان پسجي پرينءَ کي.....**" واٽ موجود آهي. اهڙي ابتاڻ بيدل سائين جي ڪن پين بيتن ۾ بہ موجود آهي جيئن:

**جي تون پ َسين پاڻ کي تہ پيءُ جِهل جو جامُ**

**هو جا عبادت عامُ، سا صوفيءَ ڏوهہ نسھرو**

(بيدل سائينءَ جو رسالو ص 195)

هڪڙي بيت ۾ بيدل سائين فرمايو آهي تہ:

**صوفي سوليءَ هليا، عيد نہ مڃن او**

**بيراڳِن مون ٻ ُو، سدا اڇي سوز جي**

(بيدل سائينءَ جو رسالو ص 195)

صوفي اهو آهي، جنهن لاءِ عيد ۽ خوشي ڪا معنيٰ نہ ٿي رکي. سندس درد سان دل لڳي هوندي آهي ۽ سدا سوز ۽ گداز جي ڪيفيت ۾ هوندو آهي. درد انسان کي رچائي، پچائي ڪ ُندن بڻائيندو آهي، درد دائمي آهي، جنهن مان هر پل ماڻهو سِکي ٿو ۽ درد سياري ۾ اُس َ جي تڙڪي جهڙو آهي، جنهن ۾ جهٽ گهڙيءَ جو مزو آهي. ان ڪري بيدل سائين چوي ٿو تہ جيڪو سچو صوفي ۽ بيراڳي هوندو ان مان سوز جيءُ و ايندي.

مٿين بيت جي تسلسل ۾ بيدل سائين جو هڪ ٻيو بيت هن طرح آهي:

**صوفي سدا سوز ۾، عاشق پڇن نہ عيد**

**طالب رِيءَ توحيد، ٻولي ٻولن ڪانہ ٻي**

(بيدل سائينءَ جو رسالو ص 195)

ائين ئي اڳتي هڪ بيت ۾ بيدل سائين انهيءَ تسلسل ۾ فرمائي ٿو:

**صوفي چائينپاڻ کي، پاڻ وڃائي ويهہ ُ**

**سورن سان ڪر سيهہ ُ، پي ڪو سرڪو سوز جو**

(بيدل سائينءَ جو رسالو ص 196)

**يا**

**صوفي ڪٺن نہ پاڻ سان، سورن رِيءَ سَ َمر**

**پيو تن ساب سفر، ڪهيا جي ڪين ڪٺي**

(بيدل سائينءَ جو رسالو ص 196)

اهو سوز جو س ُرڪو اهو سورن جو سيهہ ۽ سمر، اها درد جي هوڪَ بيدل سائين جي ڪوڙ سارن بيتن ۾ عيان آهي. بيدل جي صوفي جو مقام ۽ معيار نرالو آهي. هن وٽ تصوف هڪ رمز ۽ رياضت آهي. هو صوفي کي سدا غم جي لباس ۾ ملبوس



ڏسي ٿو ۽ انهي غم ۽ پيڙا مان هڪ سچي صوفي جا نقش َ پڌرا ڪري ٿو. مطلب تہ غور سان ڏسبو تہ بيدل سائين جي ڪلام ۾ صوفي جي منزل ۽ مقام ۽ ان جي سڃاڻپ جي اهڃاڻن جي حوالي سان ڪيئي اهم ڳالهيون نظر اينديون.

## حوالا


ناگپال ڪي ايس پروفيسر، (2008)، ”صوفي لاڪوفي“ ڪراچي، سنڌيڪا اڪيڊمي.

مهراڻي شير ڊاڪٽر، (2021)، ”لطيفيات جو تحقيقي ۽ تنقيدي مطالعو“، سنڌ، ثقافت، سياحت ۽ نوادرات کاتو، حڪومت.

دانش احسان ڊاڪٽر، (2016)، ”شاهہ لطيف جي شاعريءَ جو سماجي ڪارج“، سنڌ، ثقفت ۽ سياحت کاتو.

يوسفاڻي معمور، (2003)، ڊوليو ڊٺ ڏٽي (مرتب: اسد جمال پلي) مهراڻ اڪيڊمي.

الانا غلام علي ڊاڪٽر، (2014)، ”انساني نفسياتي ڪيفيتن، جذبن ۽ احساسن جو ترجمان شاعر شاهہ عبداللطيف ڀٽائي“ ڪراچي، شاهہ عبداللطيف ڀٽائي چيئر، ڪراچي يونيورسٽي.


**نوٽ: مقالي ۾ ڏنل بيدل سائين جي شاعري اختر درگاهي جي ترتيب ڏنل ”بيدل سائين جو رسالو“ مان ورتل آهي.**